# سيلاب زندگيءَ جو




پوپٽي هيرانندڻي

# سيلاب زندگيءَ جو

[ سنڌي ناول ]

ليکڪا:

پوپٽي رامچند هيراننداڻي

ڪونج

۴، گرانٽ واسٽون اپارٽمينٽ، شهيد ڀڳت سنگهه مارگ،
ممبئي-۴۰۰۰۲۳. فون: ۲۸۷۲۸۷۸

# اَرپڻ

هيءَ ناول مان پنهنجين انهن پيارن ڀاٽين کي اَرپڻ ڪريان ٿي جي زندگيءَ جي لـکي ۽ انهن سيلاب جي لهرن ۾ وقت کان گهڻو اڳ، ٿي لـڙهي ويئون! ڪتاب جي ڪور لـي ساڄي پاسي کان منهنجيءَ ڀاڻيءَ سشما جـو ۽ ڏاٻي پاسي منهنجيءَ ڀاڻيجيءَ رينوڪا جو فوٽو آهي.

- پوپٽي هيرانندا‌ڻي

ليکڪا جي ائڊريس:
٥١، سنگيتا،
ٽيليفون ڀوڻ جي پٺيان،
ڪولابا، بمبئي - ٥.

## اخبار جي مالڪيءَ ۽ ٻين تفصيلن جي پڌرائي

## ڪونج (سنڌي) فارم ۴ (رول ۸)

| | |
|---|---|
| ۱- ڇپجڻ جو هنڌ | ۴، گرينٽ ويسٽرن بلڊنگ، بمبئي - ۲۳. |
| ۲- ڇپجڻ جو مدو | ماهوار |
| ۳- پرنٽر ۽ پبلشر | پرڪاش آلاڻي موٽواڻي |
| قوميت | ڀارتي |
| ۴- سمپادڪ جو نالو | هري موٽواڻي سنڌي |
| قوميت | ڀارتي |
| پتو | ۴، گرينٽ ويسٽرن بلڊنگ، بمبئي - ۲۳. |
| ۵- اخبار جو مالڪ | پرڪاش آلاڻي. موٽواڻي |

مان پرڪاش آلاڻي. موٽواڻي ظاهر ٿو ڪريان ته مٿي ڏنل تفصيل منهنجي ڄاڻ ۽ وشواس موجب صحيح آهن.

صحيح پرڪاش آلاڻي. موٽواڻي

( پبلشر ) ۱-۳-۹۶

## ليکڪ طرفان ......

ناول ڇا آهي؟ هڪ جملي ۾ جيڪر چئجي ته، ناول انساني زندگيءَ جي حقيقتن جي تفصيلن کي، ڪلاتمڪ ۽ اثردار نموني سان پيش ڪرڻ کي چئجي ٿو. اثردار لفظ بدران "دلچسپ نموني" به ڪم آڻي سگهجي ٿو. مٿين جملي جي معنيٰ ڪبي ته چئبو ناول انساني جيوت جي آکاڻي آهي. انسان جي زندگيءَ ۾ ننڍيون وڏيون ڳالهيون ٿين ٿيون جن جو سندس من تي اثر پوي ٿو. ان ڪري ناول ۾ ماڻهو [ڪردار]، آکاڻي [رٿا]، حادثا يا انهن ڳالهين [واقعا] درپيش اچن ٿا جن کي ليکڪ سڌي يا اڻسڌي نموني، ڇيد واري يا ناٽڪي انداز ۾، نيالي خواه کلائيندڙ يا روئاريندڙ، علحدي علحدي پرڪار ۽ نموني سان پڌائي، سندس من جو سنسار چٽي ٿو. مشهور ناول نويس ڊڪنس، ٺيڪري، جارج ايليٽ يا ميري ڪرولي انسان جي خصوص لمداڻن يا خياليءَ جي مٿاڇرن تهن جو ذڪر ته ڪيو آهي، پر انسان جي اُنهن اُمنگن ۽ ارمانن کي چٽيو آهي جي هر انسان جي سيني ۾ اُڀرن ٿا. انهيءَ ڪري سندن لکڻيون هڪ صديءَ کان پوءِ صديءَ تائين قائم دائم رهن ٿيون ۽ چاهه سان پڙهيون وڃن ٿيون.

ورهاڱي کان اڳ، چاهي ورهاڱي کان پوءِ، سنڌيءَ ۾ گهڻي ڀاڱي ناول نه، مگر ناوليٽ ئي لکيا ويا آهن جي چوڻ نه، لنبيون ڪهاڻيون پيئون لڳن. منهنجي زمين کوهي اسان سنڌين جو ته زندگيءَ جا تفصيل ئي کوهي ڇڏيا آهن! ان ڪري اسان شاهڪار ناول پيدا ئي نه ڪري سگهيا آهيون. گهڻي ڀاڱي ايڪ ”پرام“ جي پڌاهه وٺي ٿي لکن ٿا جنهنکي هوُ پنهنجي زمين نه ڏيئي، دلين ۾ مهمان طور ٽڪائي سگهن ٿا.

مون منهنجي هن ناول ۾ هڪ استريءَ جي مڪمل جيون پيش ڪئي آهي. ان سان گڏ سنڌين جي، سنڌ ۾، ۽ سنڌ ڇڏڻ بعد هتي هند ۾، جيوت چٽڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم....

– پوپٽي رامچند هيراننداڻي

۱۵، سنگيتا، ڪولابا، ممبئي-۵.

(۱۹۹۶-۱-۱)

## ايڊيٽر طرفان....

ڀيڻ پوپٽي هيراننداڻيءَ جي هن ناول جو هيءُ ٽيون ڇاپو آهي جيڪو ڏيکاري ٿو ته سنڌي ٻانڪن کي سنڌي جيوت سان ڪيترو نه لڳاءُ آهي. بلاشڪ نه سنڌي ٻانڪ گهڻي وڏا آهن، نه ئي، جيڪي ٿورا گهڻا پڙهندڙ آهن، انهن جي رچي هن قسم جي رچنائن طرف وڌيڪ مائل آهي. هو هن قسم جي رچنائن ۾ پنهنجي زندگيءَ جو عڪس ڏسن ٿا ۽ انهن کي پڙهڻ سان دلجوئي حاصل ڪن ٿا ...

اسين سنڌي سڄي ڀارت ۾ ٽڙيل پکڙيل آهيون. پوليوار پرانتن اسان جي وچ ڪيترا ئي وڻهاڳا ڪري ڇڏيا آهن. هڪ سنڌي بنگالي ٻوليءَ جي ڀاري آهي ته ٻيو تامل جي ور چڙهيل آهي؛ هڪ سنڌي گجراتيءَ ۾ "ڪيم ڇو؟" ٿو آلاپي ته ٻيو مرهٽيءَ ۾ "جئه مهاراشٽر" جو نعرو ٿو هڻي....

سنڌي سپاچها سائين، اسان ڪجهه ڪڇون، نه ڪجهه ٻڌون. سڀئي ٻولين جو خبر گهرن ۽ انهن ٻولين ۾ مهارت حاصل ڪري وٺن. ليڪن انهن ٻولين جو خبر گهرندي پنهنجي ٻوليءَ کي وساري ڇڏڻ لائين آهي جيئن پنهنجي سڳيءَ ماءُ کي گهر مان اوڏي

ڪڏهن ڌاريءَ مائيءَ کي پنهنجي گهر ۾ آڻي ويهارجي....
اهو غلط آهي. سنڌين کي پنهنجيءَ ماءُ جو وڏڪ
اولو رکڻ گهرجي. انهن لاءِ لڙڻ گهرجي جيئن لاول
جي ماءُ [لاڻڪا] کي سنڌس ئي اولاد آشرم ۾ ڇڏي
ئي اچي.... واري ٻڌ.... واري ٻڌ...!

اسين شڪرگذار آهيون شري آر. جي.
آڏواڻي صاحب جا، جنهن "سچو سنڌي سپوت"
هئڻ جو مثال قائم ڪندي، پنهنجي ٻوٽي هيرانندائيءَ
جي هن اصلوڪي سنڌي ناول جي ڇپائيءَ جو
سمورو خرچ پاڻ تي هموار ڪيو آهي....

مان ٻنهي ٻوٽي هيرانندائيءَ جو شڪرگذار آهيان
جنهن هن ناول جي ٽئين ڇاپي ڇپڻ جو شرف ڪونج ۾
کي ڏنو آهي...

هري موٽواڻي سنڌي
١٩٩٦-١-١

# باب ٻھريون

اڳين چئن ڏانڊن مان اڄ هڪ ڏانڊ ڪري پيو اٿم. ٻاسن وارا ٻه ڏاند مٿينءَ چاڙهيءَ جا ۽ هيٺينءَ چاڙهيءَ وارين سڀ ڏاندن ۾ اڳي ۾ ئي ڪيائيون پيئون هيم. لڏيڙي هجان ها ته ”ڏاند نه ٻڪي ڏنڊي“ سڏي چيڙائيندا ها، پر هاڻي مولڪي ڪير ٿو پڇي؟

اهو ئي وقت هو جڏهن مون کي ڪلهن ڏسي ڪنهن چيو هو، ”ڏاند ته ڪهڙا اٿس! جهڙي مولائي گل جي مکڙن جي قطار!“

هڪ اڪاسي ته وڏي واڪي چيو هو ”لنهنجا ڏاند آهن دلپسند پران .......“

لڏيڙي آرسي ڪٽي اُن ۾ نهاريان. منهنجي ئي ٻاجهي مون لئي ڪليو. ”صرف ڏاند ٻڍا اُٿئي چا؟ سڀي ئي ته جهولي ٻراٽي ئي وانئي آهن! ............. گهنڊجهل - سڪل چمڙي ...... ڪٽل - اَچا وار، ...... جهڪيل ورنل ڪلهار ....... سخت ۽ ٻڪل هٿن پيرن

جا انڌن ........

سچ! هن جن چيزن تي اسان کي ناز آهي سي ڪيترو نه جلد اسان کان موڪلائي ٿيون وڃن!

گهر ۾ اسين اس نه ٿي پار هئاسين. منهنجو ٻاءُ حشو ۽ مان.

ڪڏهن هو ٻنهي منهنجي گهگهريءَ کي پڪڙي ”چو چو ريل گاڏي“ ڪندي هلندو هو ته ڪڏهن مان سندس خميس پڪڙي ”ڪو .... او ... او“ ڪندي سيٽي وڄائيندي هلندي هيس. ڪڏهن اسين اٺي پينگهي ۾ لڏي رڙيون ڪري ناڙيون وڄائيندا هئاسين ته ڪڏهن ٻاڻ ۾ وڙهندا هئاسين ”تو ڪاله اب جي ڪور ڪاڏي، اڄ مان ڪائيندس.“ لنڊن لنڊن ڳالهين تي حشو کيٽو ڪندو هو. ”گلاب - آشيءَ مان ٻهرين گلاب - پاٽي مهن تي مان وجهان“ ....... ”منجيءَ جي هن پاسي مان سمهان“ ....... ٻيون وارو هوڪو ڏئي ”جاٺو ڳاڙها ٻير“ ....... ”نه جهول ۾ مان ٿي وٺان“ .......

اَمي حشو جو پاسو ڪٽيندي هئي ”ننڍو ٻاءُ آهي، تون ڪالتس وڏي آهين“ ....... جي مان نه مڃيندي هيس ته ليپاٽ ڪانٽي پولندي هئي. ٻابا منهنجو پاسو ڪٽيندو هو. آهن پنهنجي مان جيڪو واڇهو هوندو هو، وڏي اسان جي جهيڙي جو ايرو ڪندو

هو. پر جيڪو پار ڏک ڪاٽيندو هو، روئڻ لئي ماءُ يا
پيءُ جي هنج ۾ اُن کي ملندي هئي.

ٿورا وڏا ٿياسين ته امي ۽ بابا کي ڪم ۾ وڻائيندا
هئاسين. اونهاري ۾ ڏول مان لئيا لئيا لوٽا ڀري
اگهڻ ۾ ڇڻڪار ڪندا هئاسين ۽ سياري ۾ ٻوڙ پائي
ٻاهران مرچ يا ادرڪ وٺي ايندا هئاسين. شام جو بابا
چوندو هو ته ڏسي اچو ته پنجل موديءَ وٽ انبج
لئي آلوءَ آيو آهي؟ ڇهو ڇڪي وٺو؟

ڇشو مون سان گڏ ڇوڪرين واريون رانديون
ڪندو هو "آيان کي پهريان، آيان کي پٽان" يا
"اَنڊ آءُ آنوت؟" ۽ مان هن سان ڇوڪرن جون رانديون
"ٻڪت مون لٿن......" يا گولين واري راند ڪندي
هئس. ڪڏهن ڇوڪرا ن کيڏيندو ن ٿي ويو سين ته ڪا
اچي ڇوڪري ڇشوءَ کي ڇيڙائيندي هئي "ڇوڪرين
جي وچ ڇوڪرو - گڏهن جو اوڪرو" ۽ ڪڏهن مان
ڇوڪرن جي وچ رهڻ جي وڌي هئس ته منهنجو ماسات
گوٻند ٻانڙن وڃائي چوندو هو "ڇوڪري ڇري ...
وائي گهڙي ......"

ڇشو مڪڙيءَ جي ننڍ ۾ ڏاڙهو ٻڌي اُن کي
مون طرف اڏائي موڪلي ڏيکاريندو هو ۽ مان اَميءَ
جو رلو پائي ڪپس پڙلو ڏيئي دٻ ڪيدي چوندي
هئس "مٺا پيڙي ڙرايئي ......"

جڏهن ٻاڻ ۾ نهندا هئاسين تڏهن ڪيسي ۾ ليڙا ۽ ڏوڏيون وجهي ڇاتي هڪ ٻئي کي کارائيندا هئاسين.

اُمي ته اسانجين هميشهه جي حرڪتن مان تنگ ٿيندي هئي. مٺي تـــي تنگ ٿي چوندي هئي "آهيو ٻه، پر ڏهن جـــي مت! "اصل گهر ني ڪٽي مٺي ني ڪنيو اٿو!"

هڪ ڏينهن حشو اُس مان آيو ۽ اچـــي سڌان ڪيائين. ٻئي ڏينهن ڪيس اچـي تپ ٿيو ...... ٻئي ڏينهن هوُ ڪٽ ني اکيون ٻوري سمهيو. اُس ٻوء هن وري اکيون نه کوليون.

ٻابا چيوٺ "هـوُ اُپ ۾ هليو ويـو آهي" ۽ اُميء چيو "واهگروء وٽ ويو آهي، اُتان ايندو ئي ڪين" ...... مون ته نـه اُپ ۾ کو گهر ڏٺو ۽ نـه واهگروء کي ڏـــي سڃاڻندي هئس. ان ڪري منجهي پيئي هئس ته حشو مون کــي اڪيلو ڇڏي ڪٿي هليو ويو آهي. منهنجو ڏينهن مـوڪو ۽ رات تمام ڪاري اٿجي پيئي: راند ڪرڻ ته مون صفا ڇڏي ڏني، پر ڪرڻ به ڇا ويهي؟ اصل خالي ٿـي پيئي هئس ڇڻ.

حشوء جي هلي وڃڻ بعد امي ۽ ٻابا ٻاڻ ۾ پيا وڙهندا هئا. ٻاجيء ۾ لوڙ وڌيڪ پئجي ويو ٻه ڪاڏو ٿورو ڏهر سان ٻيار ڻيو ته ٻابا اصل ٿي ٻاهه ٿي ويندو هو! امي ته سندس غصي جو جواب تمام وڏي واکي

ساڻ ڏيندي هئي.

مان وڏي ته هئس ٻي ڪين جو سمجهان ته هيءَ آنڊي جي ڄر آهي جا ٻڌهي کي اندران ٻي اندران پيٽي جلائي ٿپائي، سو هن ٻڌهي جو وڌهڻ ڏسي مان گهر مان ڀڄي وڃڻ چاهيندي هئس.

جيڪي شيون حشو دل ڪري کائيندو هو سي هاڻ گهر ۾ ٿيندڙيون ٿي ڪين هيون. بابا آڻيس ۾ هليو ويندو هو ته امي ڏاهه ڏاهه پيٽي روئيندي هئي. هڪ ڏينهن رانديڪي ۾ ڪلاڪ ويٺي هئي ته ڪجهه رڏائين ٿي ڪين. مون ڪٽي ائين ٿي پڇيو مانس "امي، ڇا ٿيو اٿيئي؟" ته چپ ڏيندي چيائين "ڪنهن لاءِ رڏيان؟ منهنجو حاڪم پٽ ٿي هليو ويو!"

بابا مون کي هاڻ ٻاڻ وڏيڪ گهرندو هو. مون لاءِ ڏايا ٽول وٺي ايندو هو. پر امي مون کي هروقت پيٽي ڇيڇيندي هئي. اڪيلائيءَ ۾ مان روئي ٻاڻ کان پڇندي هئس ته حشو کي مون ٽورو ٿي ڇيو ته هليو ويو؟

جهڳڙو هن ٻڌهي جي وچ ۾ ٿيندو هو، اسڪول ۾ سڙا مولڪي ملندي هئي. پڙهڻ ۾ منهنجو ڌيان ٿي ڪين لڳندو هو. ڪٿي به ڪير زور سان ڳالهائيندو هو ته مون کي ائين لڳندو هو ڄڻ امي بابا ٻيا وڙهن. ڪڏهن ڪڏهن ساعت ۾ اسان مولڪي اميءَ جا واڪا

ٻڌڻ ۾ ايندا هئا ۽ اهي ٻڌي منهنجون ٽنگون ڌڏڻ لڳنديون هيون.

هڪ دفعي بابا جو ڪو ضروري ڪاغذ گم ٿي ويو. سوال صبح جو هو، ميز جا خانا کولي ٺڪ ڪري بند ڪرڻ لڳو. اميءَ کان پڇيائين، ”ڪو ناسي رنگ جو لفافو ته ڪونه ڏٺئه؟“ اميءَ سڌو جواب ڏيڻ بدران چيو، ”مان ناهه ڏسان تنهنجي ڪاغذ کي!“

بس بابا اچي ٽٽو. امي رڌڻي ۾ ويئي ته بابا به پٺيان ويس. بابا ٻاهه تان ديڳڙو کڻي ڪري پري اڇليو. پوءِ ته گهمسان لڙائي شروع ٿي ويئي.

مون رضائيءَ سان منهن ڍڪي ڇڏيو. گوڏا پيٽ ۾ وجهي مان ڪرونڊڙي ٿي ويس. پر رضائيءَ اندر به مان پاڻ کي محفوظ نه پيئي سمجهان. بابا بادل جيان گجي رهيو هو ۽ امي وچ اٽڪي ڪڙڪاٽ ڪري رهي هئي.

ليڪن بابا رڌڻي کان ٻاهر آيو. پر نيرن ڪرڻ بنا ئي زور سان ٻاهريون دروازو بند ڪري هليو ويو! بابا جي وڃڻ بعد اميءَ مون مٿان پيل رضائي لاهي کڻي ڦٽي ڪئي! ”لاٽ صاحب جي ڌيءَ اڃا چادر تاڻي ليٽي پئي آهي! اٿي اٿ، اسڪول ۾ دير ٿي ويندءِ.“

مونکي روئڻ پئي آيو. روئندڙ منهن پئي پاسي

ڪري مان لڪڙ ۾ اُٿيس ۽ چمپل پائڻ ئي وسري ويم.
مون کي پيرين اُگهاڙو هلندو ڏسي اميءَ وري ڪڙڪو
ڪيو، "چمپل پاءِ نه، ڪٿي ٺڪون نه پئجي ڇڏيانءِ!
اَٽاسي، جهڙو پيءُ تهڙي ڌيءَ! اس پس ساڳيا!"
ڏاٻي پير جو ساڄي ۾ ۽ ساڄي جو ڏاٻي پير ۾ چمپل پائي،
پاڻ سڌو ان جاءِ ڏانهن ڀڳس. اندرا ڪڙو پالم ٺڏهن ٻ،
سمجهان پيئي ته اندر نه آهيان ان ڏينهن اسڪول ۾
امتحان هو. اڳئين ڏينهن تي نئين گهگهري پائڻ لاءِ
ڪڍي رکي هئم. رسيس مهل اسڪول ۾ مان ڏاڪڻ
لهي رهي هيس ته مٿان ڪملا سندريءَ جي ڪا چوٽي
پٽي، جنهن وٽي ڪيڪ ڪئي. ڪيڪ ٻڌي مان ڇهن
سٽن ڏاڪڻن تان ٻاجوليون ڪيلنديءَ اچي هيٺ پيس.
منهنجي هڪ ٽوليٽ ۽ ٻئي گوڏا ڦٽجي پيا. انهن رهڙن
تي نه دادي گوميءَ ٺڪر آيوڊين لڳائي، پر منهنجي
گهگهري جو گهير وڃڻ ٽوري ڦاٽي پيئي هئي سو
مان روئڻ لڳي ٿي ۽ پيئي ڪريان.

گهر موٽيس ته اٿي ته موچڙا پيا ئي رکيا هئا.
اميءَ جهوپو ڏيئي ڪري مون کي ڪٽ تي اڇليو "مان
ته هن لياڳيءَ مان اچي ڦاٿي آهيان. شل ڪنڌ ڪرئي،
هيءَ وري ڇا ڪري آئي آهين؟ منهنجون هي روز
روز جون ڇٽيون ڪير ڀريندو؟ حشوءَ انڌران موت
لوڪي پيهي وڃي ها ......"

ٻاٻا ڪو اندر ويٺو هو. هو ٻاهر آيو ۽ اميءَ کي ڏک هٿڙي لاءِ هٿ مٿي کڻائين ...... ٻـر ٻوءِ مون ڏاڍهن اهاري چپ ٿي ويو. ان ڏينهن ٻـاٻا ڪروڌ ۾ ڪيو پر ڏاڍيءَ مضبوطيءَ سان چيائين "حشوءَ ماءُ! اڄ کان پوءِ تو گڏگا کي هڪ لفظ ، چيو آهي ته گهر مان ٻه گهر ٿيندا. مان ڏيءَ کي وٺي ڪيڏاهن هليو ويندس." ائين چئي هو اندر هليو ويو.

اميءَ روئڻ شروع ڪيو. مون کي ائين لڳو ڄڻ سندس دل مٿان ڪنهن ڏاڍي ڪرائيندڙ يا پوسرائيندڙ چيز ڪري اچلي آهي. ان گهڙيءَ ۾ ٿـي مان ڄڻ ڏاڍي وڏي ٿي ويس! مون چاٽي ورتو ته حشوءَ جي موت اميءَ جي من کي اهاڻت گهري چوٽ پهچائي آهي جنهن ڪري هوءَ پنهنجو ميزان ٿـي وڃائي ويٺي آهي.

## باب ٻيون

ڪملا جي ٻيءَ جـي حيدرآبـاد ۾ بدلي ٿي ۽ هوءَ منهنجي اسڪول ۾ مـون واري ڪلاس ۾ اچـي پڙهي. هوءَ ڪراچيءَ مان آئي هئي ان ڪري حيدرآباد

جي ڇوڪرين جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ فئشنيبل هئي. ڏنگي سينڊل، ٻه چوٽيون، لنبي اسڪرٽ ۽ ننڍا جوراب پائي هوءَ ايندي هئي ته ٻيون ڇوڪريون حسد وچان ڏانهنس نهاري کيس ”مس ڪراچي“ سڏي چيڙائڻ چاهينديون هيون. مون کي ته ڪملا ڏاڍي وڻندي هئي. وڏيون وڏيون اکيون، ڊگهيون ڪاريون پنبڻيون، سهڻا چپ ۽ اکين ۾ سمجهه جي چمڪ. مان الجبرا ۽ جاميٽري ۾ ڏاڍي ڪچي هوندي هئس ۽ ڪملا کي هسٽري ۽ جاگرافي ياد ڪرڻ ۾ ڏکيائي ٿيندي هئي. ان ڪري اسين ٻئي گڏجي پڙهنديون هيوسين ۽ هوم ورڪ پڻ هڪ ٻئي جي گهر ۾ ويهي ڪنديون هيوسين.

ڪملا جي ماءُ ڏاڍي سهڻي هئي، ان ڪري ڪملا ۽ سندس پيءُ لاري ٻئي سهڻا هئا. لاري مون ڏانهن لڪي پيو نهاريندو هو ۽ مون کي به هو ڏاڍو وڻندو هو. جڏهن مدهوش نظر سندس نگاهه کي پڪڙي وٺندي هئي تڏهن هن جا ڳل ايچ ڪان لعل ٿي ويندا هئا. ان وقت مون کي هو بيحد پيارو لڳندو هو.

ٻين ڇوڪرن جي ڀيٽ ۾ لاري وڌيڪ شريف هو. هن جي اکين ۾ شرارت جي جاءِ تي سادگي وهل هئي. زبان سان ڪجهه نه چوندي به اکين سان هو

گهڻو ڪجهه ڳالهائي وجهندو هو.

ڌيري ڌيري منهنجا ارمان به هن جي چوگرد ڦرڻ لڳا. هن جو نالو ٻڌندي ئي منهنجي دل ۾ ڪتڪتائي ٿيندي هئي ۽ نالو وٺندي ئي دل ۾ عجيب خوشيءَ جي ڌارا وهڻ لڳندي هئي. جڏهن هن جي نگاهه مان پيار ڇلڪندو هو تڏهن مان ائين سمجهندي هئس، ڄڻ آسمان پنهنجن تارن سميت منهنجا قدم چمي رهيو آهي. مگر جڏهن هو بي پرواهي ڏيکاريندو هو تڏهن منهنجي دل اداس ٿي ويندي هئي. هن جو انتظار ڪندي منهنجي دل اکين ۾ اچي وهندي هئي ۽ هن کي ايندو ڏسي منهنجون اکيون کيس ڀاڪر ۾ ڀري وٺنديون هيون.

ڪملا اولاڻ مارڪيٽ وٽ مين روڊ جي ساڄي پاسي واريءَ ڪنڊ تي رهندي هئي ۽ مان گور سنگت واريءَ گهٽيءَ ۾. اسڪول ۾ به روز گڏجنديون هيون سين مگر شام جو به ڪڏهن ڪڏهن هوم ورڪ ڪرڻ جي بهاني هڪ ٻئي وٽ اينديون هيون سين. مون کي هن جي گهر مان اسان جو پٽيو رام لعل وٺي ايندو هو ۽ هن کي ناري وٺي ايندو هو. (حيدرآباد ۾ سڄ لهڻ کان پوءِ ڪا به ڇوڪري اڪيلي ايندي ويندي نه هئي.)

هڪ ڏينهن ناريءَ ٻڌران ڪملا کي سندس

پيءُ گهمائيندو وٺي آيو. بابا هن کي اندر وٺي آيو.
پس انهن اسان ان ڪمرن جو پاڻ ۾ ڏيکاريو. اسان
وقت ڏٺو، سڀوسا ٿيندا هئا ۽ ڪمرا جي گهر
موڪليندا هئاسين ۽ هن جي گهر ۾ ڪڙهي چانور
رڌا هئا ۽ اسان وقت ضرور پهچندا هئا.

هڪ دفعي گهمائيندو اسان کي ڪوڙي وٺي
هليو. هو سرڪاري آفيسر هو ان ڪري گهڻا لاءِ
سڀ سهوليتون ملنديون هيون. بس پوءِ ۽ مهني ڏينهن
اسين گهڻا ڪرندا هئاسين. ڪڏهن "لاري جهل"
لي ۽ ڪڏهن "گڏو ٻڌر" لي، ڪڏهن "پٽو لڏداس
باغ" ۾ ۽ ڪڏهن "داس گارڊن" ۾! وڪٽوريا
گاڏيءَ ۾ لاري مٿي گاڏيءَ واري سان وهندو هو ۽
ڪمل ۽ مان آمهون سامهون ويٺل ماءُ پيءُ جي هيٺ ۾.

ڪمل زور سان چوندي هئي "گاڏيءَ وارا!
پنهنجان چوڪرو!" ۽ گاڏيءَ وارو "خبردار خبردار!"
پڪاري ڇهبوڪ پنهنجان سامان رکڻ واريءَ سيٽ ڏانهن
ڦيرائيندو هو. ٿڌي ڦيصر ۽ ٿڌي الهار ۾ گهڻو
وڻاسين. لٽل واريءَ ۾ پڪل پلو، باهه لڳي سيڪيل
وان، ٿڌي ڇنڪي مٽيءَ ۾ رکيل چانهه جو دلو، گلاب
جا گل، پڪريءَ کي ڏڪائيندڙ ڇولو، ڊاڪ، جا مڇي،
واهن پرسان ٻڌا ٿيل جهڙڪالي گل، ڪيڏن جا بوٽا،
اُجرڪ پهريندڙ سادا سچا جها ڳوٺاڻا، مهان صادق چو

ٻڪتارون، الله رکي جو ڪلام، انھن سڀڪجھہ ڏسندا، کائيندا پيئندا ۽ ٻڌائدا ھئاسين.

دادا گيانچند کي لڏڻ ڪاڏي جو شوق ھو ۽ منھنجي بابا کي سنڌي ڪلامن جو. ڪملا جي ماءُ کي پاليون ۽ واھہ وڻندا ھئا ۽ منھنجي ماءُ کي ڳوٺاڻين زالن سان ڳالھيون ڪرڻ. ڪملا کي ڇيلن ۽ ڳائن جا ٻچا پڪڙي ساڻن راند ڪرڻ جو شوق ھو ۽ مون کي جھنگلي گل ۽ منھن ڏسڻ جو. باقي اچيو اساري. ھوءَ ڪڏھن گلاب جي گلن سان جھول ڀري اچي اسان مٿان وجھندو ھو تہ ڪڏھن سٽ ڪلو ٻال کٺي ڪنھن ٻٽ سان ٿي ”سٽ ڪٽ“ راند ڪندو ھو.

## باب ٽيون

ھڪ ڏينھن گيانچند اچي چيو تہ ”منھنجي بدلي ٿي آھي احمدآباد، سو اسين سڀاڻي ٿي ھليا وينداسين.“

بابا چيس تہ اچا پنج سال ٿي تہ ٿيا اٿيئي تہ ڪراچيءَ مان بدلي ٿي آھو آھين، اھتري ۾ ٺوڪي وري ڪيئن ٿا بدلي ڪن؟

گيانچند ڪمزور ٻُڍڙي ٿورو ڪنگهندي چيو،
”حقيقت ۾ مون ٿي ڪوشش ڪئي آهي سنڌ کان ٻاهر نڪرڻ جي! هندستان کي ورهائي ٻه ٽڪر ٿا ڪن، ان حالت ۾ سنڌ ۾ رهي نه سگهبو.“

بابا وائڙو ٿي ويو. ٻئي ڪيتريءَ دير تائين آلائي ڪهڙيون ڳالهيون ڪرڻ لڳا. مون نه بس ايترو ٿي ٻڌو ته ــ ڪملا ۽ نـاري هليا ٿا وڃن! منهنجا ته ڇهه ئي ڇٽي ويا! نڙ اڪڙ ۾ سنڌي مان سڀون ڀانئيندي ڪملا وٽ وڃي پهتس. سڀئي پهتين وٽ ويٺا هئا. مون ۽ ڪملا ٻاڪر پـائي ڏاڍو رنو. ڪملا جي ماءُ کي اِها ڳالهه وڻي ٿي ڪانه ته ڪو اسان کي خبر پوي ته اهي سڀاڻي ٿي سنڌ مان ٻاهر ٿا وڃن. نـاريءَ جي اکين جي چمڪ صفا گم هئي. مون کي نه سمجهيو ٿي ته ڇو ٿي نـاريءَ کان کين موڪلايان؟

ڪملا جي مـاءُ هر گهڙيءَ ٻئي ڏيهه کي سڏ ڪيو. انهن ٻئي لڳو، ڄڻ مولڪي ڇڏي رهي آهي ته اسان کي ڪم آهـي، ان ڪري نـون پنهنجي گهر هلي وڃ.

ٻاهر نڪري در جـي چائنٽ وٽ اچي مون سڏڪا ڀري رنو. هونئن ڪملا در تائين مون کـي اُپرانڊ ايندي هئي ۽ اڄ ڪليل در مـان ناري ئي نه پهو

لهارُ ٻيهندو هو، پر اڄ مون ٻاڻ نـــي الهن جو در بند
ڪري ڇڏيو!

شام جو اميءَ جي ساهيڙيءَ زاڪيءَ جو گهوٽ ڪونول آيو. هن بابا کي چيو، موليرام! منهنجي صلاح اٿيئي نه جاءِ وڪڻي ڇڏ. مون نه ڪڏهوڪو پنهنجون ٻئي جايون وڪڻي ڇڏيون آهن. پوءِ اگهه ئي ڪونه ملندا!“

اميءَ ۽ بابا ڄڻ منجهي پيا هئا. هو ڪجهه طئه ئي نه پئي ڪري سگهيا.

ٻئي ڏينهن اسان جي ڪلاس مان ڇهن ڇوڪرن اسڪول ليونگ سرٽيفڪيٽ ورتا. انهن هڪ ڏينهن جي اندر ئي الائي ڇا ڇا ٿي ويو!

هيرآباد جي مين روڊ تي، جتي شام جو ڇوڪرن ڇوڪرن جي ٽولين جي ڇهل پهل لڳي پئي هوندي هئي، اتي ڪرفيو ڪرُ لڳي ويئي! هوائن سڀني جا ٻاهريان دروازا کليا پيا هوندا هئا، هاڻ اسان ٻه ٻه ٻه ڪڙا ٻائي ڇڏيا.

ٽئين ڏينهن اسڪول ۾ صرف پندرهن ويهه ڇوڪريون ئي آيون. اسڪول ۾ اوٽيس هڻيو ويو ته اسڪول پندرهن ڏينهن بند رهندو. سڀني ڇوڪرن کي هال ۾ گهرائي دادي هاسيءَ چيو ”هاڻي هندستان مان هتي تمام گهڻا مسلمان ايندا. شايد اسان جي گهرن

۽ ها گهڙي اچن. اسانکي پنهنجي عزت پياري آهي. سڀني ڇوڪرن کي سکڻ گهرجي ته موت کي ڪيئن گهرائجي. ڀلي اٽڪ هيٺ ڪري، پر جيڪي ان نڪن ۾ به آگرون وجهي مري سگهجي ٿو. ٿوريو زهر ته سڀني پتو هوندو، ان زهر جي پڙي هرڪا پاڻ وٽ رکي ڇڏي."

اسان جي منهن تي هٿڙا هارجي ويئي. عجب، دک ۽ ڊپ سڀني گڏجي اسان جي من ۾ اچي واسو ڪيو. دادي پوپري جا هوائن ڏاڍي پرائيءَ سان هلندي هئي، ان جو منهن به پيلو پيلو ٿي ويو!

بابا چيو ته "مان به پنهنجي بدلي ڪرائي ٿو سگهان، پر پنهنجو ملڪ ڪيئن ڇڏيو. جيڪا ته مان کوبه وڪڻندس. ڪلف پائي هلنداسين ....... مٿان وري موٽي اچون؟"

اميءَ به چيو ته "پنهنجو ڇدو ڪيئن وڪڻيو؟ سرڳي ابا ڏاڏا ڇا چوندا! ته هنن جنم ڀوميءَ جي ٽڪر کي وڪڻي ڇڏيو؟"

هاڻي ته پڪ پڇان لڳي ويئي. اڄا سامهون ڪاله لڏارام ماستر جا ڪپڙا پئي سڪا ته اڄ گهر کي ٽالو..... اڄا هيٺ لعلچند پاڇي ولي پئي آهو ته ان ڪلاڪن بعد ٽالڪي ۽ سامان ڪٽي پيو وڃي......

ليڪ اسان به سند ڇڏڻ جو فيصلو ڪيو. مان

صبوح جو ٽي نانيءَ کان موڪلائڻ وئس. ناني ۷۵
ورهين جي هئي اُڌهن ۽ ڪُڙي ڪنبي هلندي هئي.
اسان جي سوٽيل ڀاڄيءَ مان ڪک. ٻـن اکري ايندو
۾ ڀاڻيءَ (اسين ڪمس ڀاڻي چوندا هئاسين) جي سوٽيل
چانورن مان ڪو ساٿون ۽ ڪين اکرندو هو.

ناني کاٽ جي وڏيءَ صندوق وٽ اوڪڙو
ويٺي هئي. مون کـي ڏسـي چيائين، "آهٖ ڏيءَ!
توهين ۽ تـا وڃو؟ ٻاڪـ، جي ڇڳي مان هڪ هڪ
ڳڙي ٻئي چمبي ته ڇڳو ڪيئن رهندو؟ ٻـلا آٻاڻا
ڇدا ڪيئن ٿياڳيا؟ مان ته ٿمس ٻڌي، هن مـڙهه کي
ڪير ڪيڏاهن وٺي ويندو؟"

مامو ۽ ورالدي ۾ آيو. هن جـو ٻٽ دينالـاٿ
لاهور ۾ هو ۽ ڌنهس شادي ڪري ڪراچيءَ ۾ رهندي
هئي. هن چيو "دينالاٿ جو خط آيو آهي. لاهـور ۾
ته ٻاهه ٻئي ٻري. هو شايد لاهور مان اکري چڪو
هوندو. لـکيو اٿس تـه توهين سـب ٻـه حيدرآباد مان
اکرو. هتان اکري ته وڃون، ۾ ڪٿي وڃي ڌڪا
کاٿون؟ تنهن کان ته ڪري هتي ٿي ٻاڻ کي گهوگهو
ڏجي!"

مان چا چوان؟ ٻنهي جي سوالن جو جواب مون
وٽ ته هئو ٿي ڪين.

اسان گهر جي نوڪرن کـي ٻڌايو ٿي ڪين ته

ڪڏهن ٿا وڃون؟ محمد ڏوڙي هميشه، جيان ڏوٽل
ڪپڙا اڇي ڏنا پر اسان ڪيس ميرا ڪپڙا ڏنا ٿي ڪڻن.
چيو سيندس ته ”آزلوار ڏينهن اڇي ڪٽي وڃج.“ هو
اهڙو شريف هو جو گهٽو ڳالهائيندو نه ئي ڪين هو.
”چڱو اما“ چئي هليو ويو. اٿو پنهنجي واري رشيده
آئي، ”اٺي توهان ڪڏهن ٿا وڃو؟ وڃو، ٽرو هتان
نه. اسان لاءِ ڪو سڪ ٿئي! هي پنهنگهو نه مان
ڪٽندپساڻو. چٽو ته هيٺر ئي ڪٽائي وڃان ته ته ڪو
ست ڦاريو اڇي ڪٽندو......“ اهڙيءَ ماٺيءَ ڪي جيئن
شڪ نه پوي، تڏهن ڪري اميءَ کيس ست سير ڪٽڪ
۽ ۽ سير جوڙ پنهنجا لاءِ ڏني. هوءَ ويٺي نه چيائين،
”پنج ئي آگريون ڪي ابابر آهن؟ هوڏانهن محمد
ڏس ۽ هيڏانهن هيءَ رشيده ڏس!“

ڪجهه واري لطيفا ته اسان جي اما هئي. هن ڪي
گهرائي اميءَ سندس لڏهن لاءِ پراٽي هٿ جي مشين
ڏني. ”اما! پيو ڇا لي دل ائيٽي؟ هيءَ گهڙامڻجي
ڪپهٽي؟ ٽوڪي اواز جي ڪٽ لي سمهڻ جو شوق آهي
نه؟ هيءَ ورالهي واري ڪٽ چادر سوڏي ڪٽي وڃ.“

لطيفا روئڻ لڳي، ”ديوان! سدا جيئو! هي
ڪٿون ۽ چادرون آءٌ ڪاڏي ڪريان؟ توهان آهيو نه،
اگڻ پنا سولهن. هي واڙا ۽ وٽاڻ اوهان ڪانهوه پيندڪ،
ٿي پولدا...... سڄ پهٽي واڪا ڪندي...... آسر جو

اُٿي آءٌ "اَبا! ڪير وتو!" ڪنهن کي پڪاريندي ٻڌس؟ مٿا هندستاني اڇي لٽا آهن. پر انهن مان اسان کي ڪهڙو ساهُ سواءِ ايندو؟ اهي ٿيا اوپرا ...... اسان جون لنهون ڏيئون اوهان کان نه پڙدو ڪندئون ٿي ڪئن هيون ...... هاڻي انهن کي نه ملندو چئن ديوارن جو قيد ......"

## باب چوٿون

بابا چيو ته اڄ رات جو لاري ايندي. سڀري وڃو. اس هڪ پيٽي، هڪ باسڻن جي ڳوٿڙ ۽ هڪ بسترو ڪٽيو آهي ٻيو ڪجهه نه ـــ! مون ڪيترائون رانيون گــڏ ڪيون هيون، داڻن سان مڙهيل مس-ڪيڙي ۽ وڇڻي، سون پٽسن جون پڙيون، حشوءَ وارئون ساليڊل کوڏئون ...... پلا ڇا ڪٽان ۽ ڇا رکان؟ امي ٻنهڊڇن پيٽين مان سڀ رڇون وئون، ڪنجهي جون ٿالهيون ۽ گنج پيٽي ڪيڏي ۽ وري موٽائي رکي! ليمٽ هڪ وڏي پيٽي پرپاٽين. پــر بابا آيو نه اڇي کاوڙيو. "ڇــري آهين، سٽين آهين؟ هيڏي پيٽي رات جو کٽـندو ڪير؟" ڪيترو نــي سامان ڪڍي واپس رکيو پيو.

مٿن اولاد هئي، جو ئي اسين ميرپورخاص ۾ پهتاسين.
بابا جو پٽيوالو ڪٽومل آيل هو. ان ئي رات جو ٽرين
جي ان ڏٻي ۾، جو اسٽيشن ڪان ٻري ڀهاريو ويو هو،
اسين چڙهي ويٺاسين. ڏٻي ۾ سڀ زالون ۽ ڇوڪريون
هيون. اندرين هٿ ايتيءَ ۾ هڪ ٻئي کي ڏٺوسين.
۽ سڃاتوسين. اميءَ جون سوٽيون ٻارن سوڌيون هيون.

صبح جو ڇهين بجي اهو گاڏو ٽرين سان لڳو.
اڃا گاڏي ٿورو ئي هلي نه ڌوڏو ڏيئي بيهي وئي!
پوءِ ٿيل دروازو زور سان کولي ۽ چار مسلم آفيسر
چڙهي آيا! هڪ ڇٽي هڪل سان چيو ”ٻاهر سان ڇا
ڇا ڪنيو اٿو؟ اجليءَ جو سامان يا ڪا مٺين ڪٺي لٽا
سگهو، اهي شيون سنڌ کان ٻاهر نه وٺيون.“

اميءَ جي سوٽ هيٺيءَ ڇت جو پڪو ڪنيو هو.
وڏو پوليس باتروم ۾ رکيو هٿائين ۽ پڪن مٿان پاڻ
چڙهي ويٺي هئي. بس، اهو ڏسي هنن اسان جو
سڄو سامان لاٿو ۽ سڀ کڻي ويا! هاڻي اسان کي صرف
پت لي هڪ وڳو پيل هو.

ڪوڪراپار اسٽيشن آئي ته ٽرين ۾ چڙهيل نعرا
هنيا ”ڀارت ماتا کي جئه!“ اسٽيشن تي کير، پڪوڙا ۽
پوئنڇا مفت پئي ورهايائون.

اسان جي من جي حالت عجيب هئي. اسان کي
نه خوشي هئي نه غم. آئنده جي ڪا خبر نه هئي

صرف ماضيءَ جا پڙاڏا ساڻهون هئا ......

جوڌپور ۾ ويٽنگ روم ۾ ترسياسين. منهنجي پنيءَ ۽ هيمي جي مڙس رامچند ئي سڀني زالن ۽ ٻارن کي سنڀالڻ ۽ رهائڻ جو ڪم ڪيل هو ........ اسان کي ويٽنگ روم ۾ ڇڏي اهي چاهه جو بندوبست ڪرڻ لاءِ هليا ويا.

ٻارهين. اڄي صبوح جو ٽانگن ۾ چڙهي اسين هڪ بنگلي ۾ پهتاسين. سڀني ڪٽنبن کي هڪ هڪ ڪمرو مليو. ڪل ١٢ ڪٽنب هئاسين جنهن ۾ ١٢ زالون، ٨ مرد، ١٥ ڇوڪريون ۽ باقي ٻار هئا. سڀني ڪنهن نه ڪنهن طرح مٽي مائٽيءَ دوارا پاڻ ۾ ڳنڍيل هئاسين.

رات جو هڪ ٻهراڙي وچون نڪتو. سمهيا هئاسين سڀ پٽ تي، سو به استري ڪالسواءِ، سو باقي رات اسان وڏن ته جاڳندي گذاري. ٻلا لعنت اچي به ڪٿان؟ مون کي نه ڏايي ٻک هئي. پيٽ ۾ ڪڙ ڪڙ پئي ٿي.

صبوح جو جوڌپور جي اسٽيشن تي رفوجين کي پوڙهاون پتانا ڏنا هئائون. منجهند جو ٻاڙي ۾ رهندڙ هڪ راجستانيءَ، ٻارن لاءِ مانيون ۽ ڪدوءَ جي ڀڄي ٻاجي موڪلي هئي ۽ رات جو ڪٿان چانور هٿ ڪري ڪنهن کچڙي رڌي سڀني کي ٿـ، ٿـ،

ڪيو ٻُڌن ڏٺيون هيون، پر ان مان سڄي ڏينهن جي ٿڪ ڪيئن لهندي؟

آهستي آهستي تڪليفن سان سڃاڻپ وڌندي وئي. اسان ۾ هڪ سنڌي هئي جا ڏاڍي ٺڪي هئي. شادي ڪيل هئي، پر سائيڪل هلائيندي هئي. هوءَ سائيڪل تي چڙهي شهر ۾ وڃي سوداڙي ڪٺون ڪٽائي آئي ۽ سينڌ و ٻاڌو ۽ وٺي آئي. جيڪي ڪٽنب هڪ ٻئي ۾ گهٽو هريل هئا تن ڪاڏي جو گڏيل بند و بست ڪيو. انهن ٻنگلي ۾ ڇهه رلڊا ٺهي ويا! ڏينهن جو هڪ هڪ ڪرٽي پولدي هئي؛ اسان مان گهٽين ڪي رڌڻ اينڌو ئي ڪين هو، ڇاڪاڻ ته، حيدرآباد ۾ گهٽي ڀاڳي سيٺي وٽ نوڪريءَ جا پئسا ٿي رڌيندا هئا. پر هتي هڪ ٻئي ڪان سکي گهٽيون ٿي چيزون ڏاهيندا هئاسين ۽ هڪ ٻئي ۾ ڀاڄيءَ جي ڏي ڏيڪ پڻ ڪندا هئاسين.

هميشه جو گهوٽ راميند ۽ چار دفعا سنڌ مان ٿي آيو ۽ اسان لاءِ خاص شيون ۽ وٺندو آيو. ٻاٻا پنهنجيءَ آفيس ۾ اميشيءَ بدلي ڪرائڻ جي ڪوشش ۾ ٿي لڳل هو. ليڊڙا ٻار "ادر گدر ماڊل ٽوڊل" ڪرڻ ۾ مشغول رهندا هئا، ٿورا وڏا ليوٻي راند وڻهي ڪندا هئا، ڇوڪرا ڏهي وڙا پنهنجون گهوٽنيدايون هيون ۽ زالون ٿوم وڃهي ٻاجهريءَ جا ٻيوبا پنهنون

پڙهائيندڙيون هيون ...... انهن ٿي ئي مهڙا لڳهي ويا
۽ اسين اچي امڙيءَ پهتاسين.

## باب پنجون

جوڌپور ۾ رهي ميز مزاڪي وارو سمو پورو ٿيو ته وطن جو وڇوڙو شدت سان محسوس ٿيڻ لڳو. هاڻي ٿي خبر پئي ته مارئيءَ جي انهن جي سچي پچي معنيٰ ڪهڙي آهي؟

اسڪول ۾ دادي هري وطني حب تي مضمون لکائيندي هئي ۽ دادي پوپري پاڙهيندي هئي "واڇهاڻي وطن کي جي ساري ڏيان ساهه......" ته مون کي سمجهه ۾ ئي نه ايندو هو ته مارئي وطن کي ايترو ياد ڇو ٿي ڪري؟

هاڻي جڏهن اسڪول جي حاطي اندر وڻ تي چڙهي زيتون پٽڻ واري ڳالهه ياد ايندي هئي ته ڏهن اندر ئي اندر من ۾ ڪنهن جي اوڪ ڇڙڻ لڳندي هئي. سهيلا ٽنومل جيڪا مولڪان هسٽريءَ ۾ وڏيڪ مارڪون ڪٽڻ لاءِ ڇتاڻيٽي ڪندي هئي سا به مولڪي ڏاڍي ياد پوندي هئي ۽ هوءَ مدهدهي ساهيڙي

گلن جا ڪلندي هئي ۽ سندس ڳل ڳاڙها ٿي ويندا هئا، تنهن جي ڳلن جي گلابي رنگ، ڇهڙو رنگ، ۽ مون هٿي اصل ڪين ڏٺو آهي! ڪڏهن ڏک ٿيندو هو ۽ هيترا ڏينهن ٿي ويا آهن سند واري اُها پيلي - لاسي ڪير ڪين ڏني اٿم، اوءِ سهڻي ليـئار ڪين ڪاڏي اٿم، پينگهه ۾ لڏئي ۽ ڇهه سال گذري ويا آهن!

پنهنجي هالن واري پينگهي کي کوهي ۽ اميءَ ۽ مون کي ڏايو ڏک ٿيو هو. اهو آواز "ٻين ٻڪ.... ٻين ٻڪ...." ڪهڙو نه مٺو هو! اصل ڪن ۾ پيا ٽڙڪندا هئا اهو آواز ٻڌڻ لاءِ.

هر روز منهنجي خواب ۾ لاري ايندو هو. ان ڪري صبوح جو اٿڻ سان ٿي مـان ڏاڍي موڳي ٿي ويندي هيس. ڪهڙي نه ٻهوس هئي هـيءَ!

ٻيهي جي "ٻي ڪهان" ٻڌان ۽ چا ڪريان پلا؟ ڪير ملهار ڳائي ۽ مان ڪن ڪيئن ٻند ڪريان؟ ٻهار پاڻ سان هـزارين سگنڌون ڪٺي اچي ۽ مـان اُن کي ڪيئن منهن ڏيان؟ چانـدني رات ۾ آسمان کلي ڏئي ۽ مان ڪيئن روئان؟

سانئي ساٿي زمين، تارن سان ڀـريل آسمان، ٿڌي ٿڌي هـوا ....... سڀ ڏسـي ۽ محسوس ڪري منهنجو جـيءُ گهبرائجي ويندو هو؟ پـر ڪنهن کي ٻڌايان هي سڀ ڳالهيون؟ مان وهاڻي ۾ منهن لڪائي

ڇڏيندي هيس ۽ منهنجو ڪنوارو پيار روئي ڏيندو هو.

جڏهن ٻه ڪو ڪچڙو ڪومل سلو
ڇني ڇڏجي، تڏهن ئي منهنجي دل جي جذبات وارو
سلو ڇنو ويو هو.

ظلم ٿيندو آهي ته ڪنهن ظاهر ظهور اسٽول ماڻهو
کي ڦاهي لهرائي ان ڪـي پٽيو آهي. پر مون سان
جيڪو ظلم ٿيو هو ان لاءِ ڪنهن کي ڦاهي لهرايان؟

اسان کان سڀ ڪجهه ڇني الڳ ڪيو ويو هو.
ٻه اُها جاءِ هئي جتي مان ڄائي هئس، ٻه اُهي ٻاڙاوارا
هئا جيڪي مون کي پنهنجا لڳندا هئا، ٻه اُهو اسڪول
هو جتي منهنجون ساهيڙيون هيون، ٻه اُها گهٽي هئي
جتان اچ وڃ ڪندي هيس، ٻه اُهو شهر هو جنهن جي
هر ڪنڊ ۽ رستي کان، مان واقف هيس، ٻه اُها ٻولي
هئي جا سهڄ سڀاويڪ لهولي ۾ ٻين جي ۽ منهنجي
مک مان اُڪرندي هئي......

اُتي هر هڪ چهرو سڃاڻ ۽ هتي سڀ جو سڀ
اڻواقف!

بابا کي ته هر وقت سنڌ جي ياد ايندي هئي.
بابا گشت ڪندو هو ڏايا سو آهي ٿـر ۽ ٻـر، رڻ ۽
جهنگ، ٻـادل ۽ مينهن، ساوڪ ۽ سوڻهن، ڇوڪ ۽
ڇوراها، گهٽيون ۽ رستا، پاڙيون ۽ واهه، ڪـڏون ۽
ڪسيون، ٽڪا ۽ سوڪڙيون، سهڻيون ۽ سهولتون،

ٻاليون ۽ لاليون سڀ ٻيو ياد ڪندو هو. هتي جي ماڻهن جو ورتاءُ ڏسي پنهنجي پاڙاوارن جي پنهنجائي ياد ايندي هيس ته چوندو هو، اهي ڪهڙن لاءِ اسان جي سڌ سماءُ لهندا هوندا؟ ٽپ ٽپ تي پنهنجن ڳوٺاڻن جا ڪلام ۽ ڪافيون ۽ پنهنجن شهرن جا سگهڙ ۽ سڄڻ فهم ساريندو هو. ”اسان وٽ زالن ۾ حجاب ۽ مردن ۾ حجت هئي، انهن وٽ عزت ۽ وڏن وٽ سڪ هئي، غريبن ۾ ايمانداري ۽ شاهوڪارن ۾ غريب پروري ۽ غريب نوازي هئي، شاگردن ۾ مروت ۽ ماسترن وٽ انهن لاءِ محبت هئي، عاشقن وٽ سلام سجدا ۽ سڏيها هئا ۽ معشوقن وٽ حياءُ، حسن ۽ هٻڪار هئي، پڙهيلن وٽ تقريرون ۽ تحريرون، عقل ۽ فهم هو ته اَڻ پڙهيلن وٽ ڪچهريون، قصا ۽ ڪهاڻيون هيون ... ۽ هتي؟

هتي جي ته ڳالهه ئي اور آهي. رستي تان لنگهه ته نه پنهنجي ٻولي ٻڌڻ لاءِ ملي ۽ نه ڪو چهرو سڃاڻ لڳي. اسين هتن لاءِ ڌاريا ۽ هو اسان لاءِ اَجنبي.“ ائين چئي ڏاڍو اداس ٿي ويندو هو.

اَمي پنهنجن ماڻهن کي ياد ڪري چوندي هئي، ”اَئي هوتن مري جهان ڇڏيو آهي، اسين ته جيئري ئي سڀ ڇڏي آياسين! منهنجيءَ سهاڳ، رات واري پيلن پاون جي کٽ ۽ ٻاٻهن جي سنگمرمر جي ميز ته

ان پٺيءَ پر آئي ڄاڻي پاڻ جو منهن ڍڪڻ کان به پيئي سگهان......"

اٿي سنڌ ۾ ته هر گهر ۾ ڪپڙا ڌوئيندو ٿي ڪين هو. هتي هر ڪنهن گهر ۾ ڪم واري مائي ڪپڙا ڌوئيندي هئي. اُن کي به ڪپڙا صابڻ جي پاڻيءَ ۾ پسائي ڏنا هئا، تڏهن به هوءَ ميرا ئي ڪپڙا ڌوئيندي هئي. امي چوندي هئي "ڪپڙا ته ڏس ڄڻ ڳائي جي واس مان نڪتا آهن! محمد جا ڌوٻل ڪپڙا ڪٺي اُٺ ڏهاڙا پاءِ تڏهن به استري ٿيندي ۽ به ميرا لڳندا...

چانور رڌيندي هئي ته چوندي هئي "ڏس گهر جي پاس پيئي اڇي. اٿي ڳاڙهن چانورن جي ڪيٽي، پاڄي، ڏڏ، پاپڙ، ڪيراون، ڏهاڙي رات جو ڪالهيون هيون تڏهن به ٽڪيو نه هو!"

رات جو ڦٽن هيٺان لهي صبوح جو ڳوڏا جهلي هلندي هئي "منهنجو چندس! پنهنجا ڪپڙا ۽ اڱڻ ڇڏي اچي هت ڪمن ۾ قيد ٿيا آهيون. ان چاليهه وڪي رات ٿي ڏسجي ۽ تارن جو جهرمٽ......"

بابا پنهنجي آفيس جي ڪم ۾ مشغول رهي پروموشن لاءِ انتظار ڪري رهيو هو. "بس - هيءَ پروموشن ملي ته رٽائر ڪرڻ بعد جهجهي ٿي ڳرنچيو ٿي ملندي......" پر جڏهن هڪ مرهٽي ڪمس سپرسيڊ ڪيو تڏهن هوءَ ڏاڍو اداس ٿيو. داڍهن ان ڪنهن کي

ڏني؟ مٿان آفيسر آ ـ مرهٽو ۽ ان کان وڏو عهديدار ۽ مرهٽو! بابا سينئر آفيسر هو. منجهس لائقي ۽ هٿي پر سنڌي جو هو......!

هوُ آفيس مان موٽي، کٽ تي ليٽي چپ چاپ ڇت ڏانهن نهاريندو رهندو هو. سچمچ فقط تڏهن ٿيندو هو جڏهن ڪٿان ڪا سنڌي راڳ ـــ جي لڪ پڌاندو هو.

۽ مان سوچيندي هيس، هيءَ ڪهڙي لاچاري آهي؟ نه ڪنهن سان شڪايت ڪري سگهون نه پنهنجي دک جو ڪو تدارڪ ڪري سگهون. اسان جي ڏسندي ڏسندي، اسان جي نظر سامهون ئي اسان جي دنيا لٽجي وئي ۽ اسين ڪجهه ڪري نه سگهياسين! اسان جا پنهنجا اسان کان جدا ڪيا ويا ۽ ڌارين سان سمجهوتا ڪرڻ لاءِ اسان کي مجبور ڪيو ويو!

امبٽيءَ ۾ ”الڊاريءَ“ ۾ هڪ سنڌي ڪانگريسيءَ کي وڏو شاهي بنگلو مليو هو، جنهن جي مسواڙ پاڻ هڪ سؤ رپيا ڀريندو هو. هن سرڪار کي عرضو پيش ڪري وڏڙن کي رهائڻ جو عذر ڏيئي اسان گهٽين ٿي سنڌين کان ٻارهن مهنن جي مسواڙ اڳواٽ وٺي اسان کي ڪمرو ڪمرو ڪري ڏنو هو. ڪل ڪيس سو رهن سؤ ماهوار مسواڙ ملندي هئي. ان کانسواءِ هوُ باغ مان حاصل ڪيل اناريل ۽ پپيتا به وڪڻندو هو ۽

ٻارهن سالن جي ڪٺن سوڙ ۽ مفت ۾ رهندو هو. اُن بنگلي کان انڌيري اسٽيشن ٽائين پنڌ ڪندي اڌ ڪلاڪ لڳندو هو. اهو ٽڪر ڪري صبوح واري ڇهين بجي لوڪل ٽرين پڪڙي مان گرانٽ روڊ تي سنڌ ماڊل اسڪول ۾ پڙهڻ ويندي هيس. جوڌپور ۾ اڳ ۾ ٽي ٽي مهنا بيڪار ويا هئا، ميٽرڪ جي امتحان ۾ باقي ٽي مهنا هئا، ان ڪري مون سچو ڌيان پڙهڻ تي لڳايو.

## باب ڇهون

ميٽرڪ پاس ڪري مان ٻاندرا واري نئشنل ڪاليج ۾ داخل ٿيس. ڪاليج ۾ اچڻ سان سنڌ جي ياد ڪجهه ڪجهه ڌانڌلي ٿيڻ لڳي. ڪاليج ۾ هنديءَ جو پروفيسر هو ڀاڪٽر پرڌان. هو ٻاهران صورت ۾ نهايت ڀولو ڀالو لڳندو هو پر ڏاڍيءَ اٽڪل سان شاگردن کان پڇي وٺندو هو ته سندن پيءُ ڪهڙيءَ آفيس ۾ ڪهڙي عهدي تي آهي. جنهنجو پيءُ وڏي آسامي ڏسندو هو تہ ان کي ٽرمينل ۽ پيرلم ۾ ڇهڇهون مارڪون مفت ڏيئي ان کان ڏڪڻا پيو وٺندو هو.

اسان جي گروپ ۾ راهل جو پيءُ جيلر هو، ممتاز جو پيءُ وڪيل، ٻيدا جو پتا ٻرماشيل ۾ آفيسر، روزاريو جو پيءُ انڪم ٽئڪس ڪمشنر ۽ منهنجو پيءُ اسٽور آفيسر ....... پوءِ اسين ٻيرڻ انهن ڪرڻون ٿي چئو؟

اسين پري پري ڪار ۽ سائيڪلروز جي ڪيٽن ۾ هليا ويندا هئاسين. ٻيدا ڳائيندي هئي ۽ اسين ٺاڙيون وڄائيندا هئاسين. احمد لطيفا ٻڌائيندو هو ۽ اسين کلندا هئاسين. روزاريو سنڌ وچ ڪيلاڊو هو ۽ اسين جهپ هٽي کائيندا هئاسين .......

ٻيدا ڪاري هئي. ڪن ڪن جي ڪارهن لسي ٿيندي آهي ۽ کي ڪارون ٻر امڪين لڳنديون آهن. ٻيدا اهڙي ڪاري هئي جو انهن لڳندو هو چڻ سندس چهرو ڪوئلن جي ٻور مان ٺهيل هو. اسين کيس "ڪوئل" ڪري سڏيندا هئاسين.

ممتاز جي ڳچي مور جيان هئي. سندس پنبڙيون ٻگهيون ۽ ڪاريون ۽ ڳل مکڻ جي چاٽن جيان هئا، تمام سفيد ۽ تمام لسا. احمد سندس نالو "نورجهان" رکيو هو.

منهنجو چهرو ٺ گورو هو مگر وڙن انهايت پاري هو. ان ڪري منهنجو نالو رکيو هئائون "اگراوس". روزاريو هر روز سنبوسا يا سنڌ وچ وٺي ايندو

ھو ان ڪري ھن کي چوندا ھئاسين ”حاتم طائي“.

اليل ممتاز پنھنجي جنسي ديوانو ھو. ان ڪري اسين سڀ کيس ميان مجنون ڪري سڏيندا ھئاسين.

۽ شالتا؟ ممتاز کي ڏسڻ سان جيڪر اھين چئجي ته ڀڳوان وانڊڪائيءَ وقت وٺي ڏاڍي ڏيان ۽ موھ سان کيس گھڙيو ھو مگر شالتا کي ڏسي اھين محسوس ٿيندو ھو جڻ ھن کي ٺاھڻ وقت ڀڳوان جو موڊ خراب ھو يا شايد کيس ڪو مذاق سجھيو ھو! چپ ٿلھا، ٿيڌي، وار شيدين جھڙا گھنڊيدار ......... پر ھوءَ سنھاڳ جي سٽي ھئي. ڳالھائيندي ته تمام ٿورو ھئي. ان ڪري اسان جي ٽوليءَ ۾ ڦلي وڻئي ھئي.

ھڪ ڏينھن روزاني سان گڏ ھيرو ته اسان سان گھڻ ھلي آيو. جيئن صبوح جي ٿڌي مٺي ھير ۾ ٻن سھڻي اٿندو آھي تيئن ھيري کي ڏسي مھنجي ٻن جي ھڪ ھڪ اس ۾ ٽڙڪڻ پيدا ٿي.

ھو اسان جي گروپ ۾ ته چاءِ مھنجيءَ جيون ۾ ئي ھلي آيو!

ھيل تائين غير حاضر ناريءَ جي نظر مھنجو پيڇو ڪندي رھندي ھئي. زکي رکي ھڪ نئين سٽي دل ۾ چڪي مون کي ٽڙڪائيندي رھندي ھئي. ٽوليءَ کي ڏسي مھنجي دل ھنجو خط پاڻ لاءِ آشا کي

ساڻ ڪري اٿي هلندي هئي. دماغ سان عداوت هئڻ سبب مَن اُٿارو ۽ خيال نه ڪندو هو، ته جڏهن ۽ هن کي مهنجو پتو آهي ۽ نه، مون کي هن جو، تڏهن خط لکندو ۽ ڪيئن؟

هيرو قداور ۽ ٺاهوڪو هو. سندس وار ۽ ڏاڙهيا گهاٽا ۽ ڪارا هئا. هن جي حاضريءَ ۾ ڇوڪرن تي ڄڻ ڪو جادو ٿي ويندو هو.

پر مون تي ته سندس غير حاضريءَ جو جادو به هلي ويو هو! هن کي نه ڏسي مان ڏاڍي اُداس ٿي ويندي هيس. منهنجون اکيون اُس هن کي ڳولهينديون ٿي رهنديون هيون.

دل جي اُن لهوليءَ جي احساس ۾ شايد ڪا خوشبوءِ ٿئي ٿي جا سيني تائين پهچي ٿي وڃي. هيرو ته هلي ويو هو ته مان ڏاڍهس ڇڪجي وئي آهيان. ڇڪجي ڇا، منهنجي ته روم روم ڏاڍهس اُٿين ڇڪيل هئي جيئن چقمق ڏانهن لوهه. جا اهڙا نڪرا! هڪ ڏهاڙي مٿي ڳوڙهڻ وقت هن منهنجو هٿ پڪڙيو هو ته منهنجي شرير جي انگ انگ مان مڌر تا پري هڪ لهر لنگهي وئي هئي!

چوندا آهن ته پيار انڌو ٿيندو آهي پر حقيقت ۾ پيار جي نظر ته تمام تيز هوندي آهي! هو پريتم جي هر ڪا چرپر ڏسي سگهندو آهي. صرف اکيون

ٿي ڇو، پيار ڪندڙ جا سڀ حواس تيز ٿي ٿا وڃن.
پريان ٿي آهٽ سڃاڻي، آواز هڪدم جهٽي، هن جي
تڪليف يا خوشي ڀانپي وڃڻ، هن جي دلچسپي يا
بيپرواهي سمجهي وڃڻ.......... پروڙي ڪري اها
هوشياري خود بخود اچي ٿي وڃي.

هڪ دفعي چار پنج ڄڻا گڏجي ڪچهري لاءِ
ويٺا هئاسين. هيرو مون سان گڏ ويٺو. مان پاڻ کي
اهڙي نصيحت واري ٻڌي سمجهان جو ڳالهه ٿي ان،
پڇو! هڪ ئي دفعو هن جو ڪلهو منهنجي ڪلهي سان
لڳو، ويو ڦري ڪٽي وقت هن پڪيٽ جهليل واري
منهنجي همت جي ڪراڙي ٻڪڙي ويئي ڦرس ڪيئا ته،
منهنجي دل جي تمنا وڌي ويئي اٽڪي منهنجي سڄي
وجود کي ٻکي ڇڏيو! مان آس پاس جي ماحول
کان الڳ، ٿي ويس ۽ منهنجو ڪنڌ ڪٽي سندس
ڪلهي تي رکيم.

پر هن مون کي هلڪو ٽهلو ڏئي پري ڪيو.
مان سمجهي ٿي ان، سگهيس ته هن ائين ڇو ڪيو؟

ڪاليج جي ٻنڌڪ لئي اسين ڇوڪريون پاڻ ۾
ٻنڌي ويهون سين. مونيوسين ته پنيان اسان مان هر هڪ
جي جڳهه تي هڪ چٺڪي چنبڙيل ڏٺيسين. ممتاز
جي جڳهه تي "ڪليوپترا"، سندري جي سنبل
تي "مس ٽڪ ٽڪ"، رکمڻي جي ڪرسي واري

چمپل لي "مِٽڻ ڏاڍيا"، منهنجي اوڪدار سينڊل لي "مِني ڊارلنگ" ........ اٿين لکيل هو. ٻيا چيو: "هي سڀ رومش لکيون آهن." ممتاز چيو: "ڪير به هجي پر لکڻ واري جا هٿ چمڻ گهرجن. ڪهڙا نه ٺهڪندڙ لقب ڏنا اٿس؟". مون لکي ممتاز جو اهو چوڻ بلڪل ڪين وڻيو. ڇوڪرن مان ڪنهن جو اک ڪٽي ڪنديءَ جيان ورتل هجي يا سنڌس ڪن سهي جيان ڊگها ۽ اڀا هجن ته اسين ٺوروٺي ڪنس طوطو يا سهو سڏيندا آهيون؟ پر ڇوڪرا ڇوڪرين جي جسماني وڏ نه تي ٺٺولي ڪرڻ پنهنجو موروثي حق سمجهندا آهن.

پڪنڪ تان موٽي بس مان لٿاسين ته ساٿيڪي شانتا منهنجي بلڪل ويجهو ايندي چيو، "ڪنڪا! اهي چٺڪيون لکيون ته هيري ۽ چنبڙاڻو نه هن ٿي!" منهنجي من ۾ خيال آيو ته شانتا کي ڌڪ هڻي ڪيان پر پاڻ روڪي ورتم. دل ۾ چيم "هن جي نظر نيڏي آهي ان ڪري ڳالهه نه نيڏي ٿي ٿي ڪري."

ڪرسمس هاليڊيز بعد اسين ڪاليج ۾ وياسين ۽ هميشه جيان هنديءَ جو پيريڊ مس ڪري ٻاهر گهمڻ وياسين. ان ڏينهن ٻيا غزل ڳايو. آلاڻي ڇو مون کي لاري ياد اچڻ لڳو. هوٿن نه غزل ٻڌاندي

مان هڪ عجيب دنيا ۾ کوهجي ويندي آهيان. منهنجون اکيون بند هيون. اوچتو ڪنهن چيو ”هيءَ اچي مينهن ۽ سماڌيءَ ۾ اچي وئي آهي!“

اهو آواز هيري جو ئي هو. مون صاف سڃاتو. ”اڄ هن شانتا جي ڳالهه سچي ڪئي.“ منهنجي دل ۾ چيچاٽ ڪندي بند ٿي وئي!

ٻيا ڳائي رهي هئي —

”چئن سي سو رها ٿا مئن، اوڍي ڪفن مزار ۾
جهان ڀي آ گئي سناٽي وو،
۽ جاڳي ڪس لي پتا پتا ديتا.“

مون انهن ٻئي محسوس ڪيو ته مان هڪ اڏامندڙ پکي آهيان ۽ مون کي اچانڪ گولي هڻي زخمي ڪري هيٺ ڦٽو ڪيو ويو آهي.

پر ان ئي ڏينهن ۾ ئي ان زخم جو سور گم ٿي ويو. الائي ڪيئن؟

هڪ ڏينهن ممتاز اپل کي چيو، ”هڪ ڪم ڪندين؟“ اپل ڪنڌ جهڪائي چيو، ”حڪم ڪر، هيءَ جان به حاضر آهي.“

ممتاز جي منهن تي اچا اچا هنس اڏامڻ لڳا.

هاڻي مان شانتا جي شڪل ڏانهن نه ڏسي سگهندس سپاٽ پري صلاح ڏانهن ئي ڌيان ڏيندي هئس، شانتا مون کي پڙهائيو هو ۽ اپل منهنجي ٻيءَ

جو چيو مجي پڙهڻ ڇڏي حيدرآباد دکن هليو ٿو وڃي. اها ڳالهه هن ممتاز کان لڪائي رکي هئي.

مون ممتاز کي آهستي کن ۽ چيو ته "ممتاز! جيڪي ڪبوتر تنهنجيءَ دل ۾ ڦڙ ڦڙ ڪري اڏي رهيا آهن؛ انهن جا پر ڪپي ڇڏ."

ممتاز ڳالهه نه سمجهي چيو، "اوهين ڏاڍي ظالم آهيو، ڪڏڪا!"

مون چيو، "ڏس ممتاز! تنهنجي صورت ڪيتري پياري آهي ۽ تنهنجو آواز ڪيترو، چانڊوڪيءَ مان ٺهيل جهنجهڻي جهان پيارو پيارو آهي. پر هتي جيڪي ويٺا آهن انهن مان ڪو به تنهنجو شاهجهان ناهي. پڪ ڄاڻج ته سنگمرمر جو تاجمحل نه چاهه، هنن مان ڪو تنهنجي مٿان سڪل گاهه جي جهوپڙي به ڪو نه ٺاهيندو."

انهن لفظن غصو ڏيکاريندي چيو "اڙي اوهين اڄ هيئن روئي ڇو ٿو؟"

"روئي انهيءَ لاءِ ٿو جو تون ممتاز کي پڙهائيندين ته ڪٿي تون اڪيلي ۽ منهنجي گهوٽڪڙن مٿان نظرثاني ڪرڻ لاءِ اڪيليءَ کي الوداع ڪري وڃي رهيو آهين؟" مون چيو.

ممتاز بي اختيار اٿي جو هٿ پڪڙي چيو "ڇا اهو سچ آهي؟ ته پوءِ مون کي به پاڻ سان وٺي هل نه ........"

ڪاليج جي الهڙ جيون ۾ زندگيءَ جي سچائيءَ ڏانهن اسان جو ڌيان ئي ڪٿي ٿو وڃي؟ اهي جي ڪاليج جي ڪاريڊارس ۾ ڪبوترن جي جوڙي جيان ٻٽر ٻٽر لڳائي پيا هڪ ٻئي کي پيار ڪندا آهن سي هڪ ٻئي کان وڇڙي اهڙي هنڌ هليا ويندا آهن جو وري هڪ ٻئي کي سچي زندگيءَ ۾ ڪونه گڏجن!

انيل ممتاز کي ساڻ ڪري ٻدا ڏي هليو ويو ۽ ڪونل جي شادي ٿي وئي، روزاريو کي پنهنجو آسٽريليا وٺي ويو ۽ اسانجي ٽولي هيڏانهن هوڏانهن ٽڙي پکڙي وئي!

## باب ستون

بي.اي. پاس ڪري مون اسڪول ۾ ماستري ڪرڻ شروع ڪئي. اسڪول، جتي ٻه زمانا اڳي ٿا پاڻ ۾ ٽڪرن، اُتي ماستريائيون هيون جي ٻا وڌواڻون هيون ٻا اهي جن، جي ڪنهن سبب شادي ٿي نه سگهي هئي. اهي سخت ۽ ڪٺور زندگيءَ سبب چڙ ٿوت ڪهڙا پهاڙ اڀجي بيٺيون هيون. ٻيون هيون لينگريون، جي ٽانڍي ۽ سيلاب واري جيون ڪٽي چڻ لنديون

ھيون، ڇڇول ۽ ڪل ڪل ڪندڙ ...... وهندڙ ۽ ٽپ
ڏيندڙ ...... مست ۽ البيلا ھيون.

ماسترياڻيون سست ۽ موڳيون ۽ هر روز ساڳي
جهون ڪائيندڙ ۽ ڇوڪريون ٽپندي ڪڏندي ڇلانگ
ماري وڏيون ٿيندڙ!

هتي ڪي ڇوڪريون اهڙيون چست هونديون
آهن جو سندن انگ انگ مان زندگي ڦاٽ کائي ٻاهر
نڪرڻ چاهيندي آهي، ڪي هلنديون آهن ته سارو
جهان ساڻن جهومندو هلندو آهي، ڪي کلنديون
آهن ته ساري فضا ۾ مڌرتا ڦهلجي ويندي آهي،
ڪي ڳالهائينديون آهن ته چار ئي ڏسائون گونجڻ
لڳنديون آهن ۽ ڪي روئنديون آهن ته سڄي
ڪائنات اداس ٿي ويندي آهي.

انهن مان ڪي گوريون آهن ته ڪي ڪاريون،
ڪن جو چهرو گول آهي ته ڪن جو ٻيضي جهڙو، ڪي
سنهيون آهن ته ڪي ٿلهيون، ڪي ڊگهيون آهن ته
ڪي ٺندريون، پر سندن عمر جي اوسطا اهڙي آهي
جو سڀ جو سڀ ڪنهن انوکي ۾ دل ۾
سڪ جاڳائي ٿي وٺنديون آهن. دادي مور ڪين
پڪاريندي هئي "اڙيون!" ...... ۽ دادي ديوي
هٿ ۾ لڪڙي کڻندي ۽ ڪين اٿئو ڪلا ٿيندي هئي
جو ڇوڪرين سندس نالو ئي ڪٺي رکيو هو "ڪلٺي".

پر هوءَ مس شهاڻي هئي نه؟ خبر ناهي ڇو؟ هوءَ ڇوڪرين جي ڪل خوشي سهي ڪانه سگهندي هئي. ڪا ٻيڻگر اچا آزاد ميدان وانگر اندوار ڪري نه. هوءَ ٻچڙو ٻڌجي سندس آزادي کسي وٺندي هئي. ڪا ٻڪيءَ جهان ٻـر ڦڙڪائي نه. هيءَ ڪٽنڊي ڪٽي سندس ٻـر ني ڪهي ڇڏيندي هئي! اچا ڪنهن مڪمت ۽ آزاد ٺهڪ ڏانو ناهي، شهاڻيءَ هنجي ماءُ کي ڇني لکي ناهي! اها ماستريائي نائين درجي جي ڪلاس ٽيچر هئي. شاگردياڻيون مس شهاڻيءَ کي "جهلر" ڪري سڏينديون هيون.

ٻهرين نه مان شاگردياڻين جي زنده وهنوار ڪري سندن پاسو ڪٽڻ لڳيس پر ٻوءِ ٻيٽل ٿلاءَ جيان جيون گذاريندڙ ماستريائين اڳيان منهنجي دال نه ڳري. منهنجيءَ چاڻ جو دائرو وڌائڻ ٻدران هنن منهنجيءَ هلت جي ڇوڏاري لوڙها ڏيئي ڇڏيا. "ڏس! هن منهنجيءَ سکيلڌيءَ ماسٽر جا اعمال! ڏهين درجي ۾ پڙهندڙ ارجن کي لکيو اٿس خط. اچا ڏيس ڀشي!" منهنجي ڪلاس ۾ هوءَ راجو ڏس! اسڪرٽ ڪهڙي لنبي پاتي اٿس؟ تو ڇهو اٿس چا نه گوڏي ڪان مٿي منهنجين ٽنگن جو نماءُ ڪري؟" ٻڌي مان نه هاڻي گولکي ٿي پيس.

# باب اٺون

اسان جي پرنسپال کي ٻالڪن جو ڏاڍو شوق هو. اسڪول ۾ ٻالڪ منڊلي اڀا ٿيل هئي جنهنجو انچارج هو ماستر ڄيٺمل. مون کي اِ، لديي ڪان ٿي ٻالڪ وڻندا هئا سو ڇوڪرن جي ولڳه جي چارج مون کي ڏنائون. هاڻي ٻالڪن ۾ ڇوڪريون ۽ ڇوڪرا ٻئي پارٽ ڪٺندا هئا ته ٻالڪن ۾ چڱي جان اچي وئي.

ماستر ڄيٺمل ڏاڍو محنتي هو. شاگردن لاءِ سندس هڏ ڪرڪندو هو. موڪل ڪان پوءِ هو ساڻن گڏ ولهي ڪم ڪندو هو ۽ شاگرد به کيس ڏاڍو پيار ڪندا هئا.

ڇوڪرين جو سيڪشن پهرين ماڙي تي ۽ ڇوڪرن جو ٻئي ماڙي تي هو. اسين ٻالڪن جي ريهرسل ٽئين ماڙي تي سائنس هال ۾ ڪندا هئاسين. پهرين ته ڄيٺمل مونکي عزت ڏيندو هو ۽ ڪم ڪرڻ لاءِ اتساهت ڪندو هو. پر پوءِ هن مون کي پنهنجو منشي بڻائي ڇڏيو. ٻالڪ جون ڪارروايون ڪاپيون ڪڍڻيون هجن ته مان ٿي لکان، ريهرسلس لاءِ ڪلاڪن جا ڪلاڪ مان ٿي ويهان، پٽيوالو وٺي

هار ۽ مان خريد ڪري اچان ته، انهن ۾ ڪم ايندڙ سامگريءَ جو بندوبست ۽ مان ئي ڪريان. پاڻ صرف فون ڪري هگوراڻيءَ ڪان ڪرسيون ٻا موٽائيءَ ڪان مانيءَ کارائڻ جو بندوبست ڪندو هو ۽ پوءِ ۽ اچي چوندو هو ”آرڊر ڏيئي آيو آهيان........... تنهنجو ڪم ڪري آيو آهيان ........“

مون ڏٺو ته جڏهن به پرنسيپال چوندو هو ته ”اڄ دادي گدڪا ۽ لسٽيج ڏان ٻه اڪر چوي“ ته جهمٽمل ڀالو ڀٽائي مون کي پاڻ ڏانهن ڪان رلٽي چڙيندو هو! ”لسٽيج لي انٽرويون ڪرسيون ا ٽيون ئهن.“

ٻا چوندو هو ”ماسٽرن بدران شاگردن کي ڳالهائڻ جو وجهه ڏيڻ گهرجي“ .......... ”ايترا گهٽا چٽا ڳالهائيندا ته وقت ڪٿي پوندو ........“

انهن منهنجي اڳيان وڌڻ ۾ ٻا مشهوري حاصل ڪرڻ ۾ هو رالڪون وجهندو رهندو هو.

شاگرديائين وٽان ٻا پرنسپال وٽان موڪلي داد ملندو هو ٻا اسڪول جي مٽڪزن ۾ منهنجو فوٽو پوندو هو ته جهمٽمل ڪان ابا ڳالهه ۽ برداشت نه ٿيندي هئي.

مون پڙهيو هو ته مرد ۾ جڏهن زنانا گڻ موجود هوندا آهن ته هو غير رواجي انسان بڻجي پوندو آهي.

منجهس ناريءَ جو گڻ شرڌا ۽ وشواس گهٽي ماترا ۾ اچي وڃي ٿو. هوءَ ڀڳت ٿي پوندو آهي. ڪيس ڌيرج رکي ڪجهه. سکڻ جو ڏانءُ اچي ٿو. هوءَ سنئو درزي ٿيا راڏائوءُ اٿجي ويندو آهي ۽ جي ٻاولا جي ليزي ملي وڃيس ٿو شاعر ٿي پوندو آهي. پر اها خبر ٿي ڪين هيم ته زالاو اوگڻ - حسد حاصل ڪري مرد سمجهه ۽ سالم ٻڌيءَ کي طلاق ڏيئي ڇڏيندو آهي!

حسد جي حوالي ٿجي، جهنمل کي اهڙيون انديڙيون انديڙيون چالاڪيون ڪندو هو جو مون کي مَن ٿي مَن اندر مٿس کل پيئي ايندي هئي. هو سمجهندو هو ته مان ڪجهه سمجهان ٿي ڪين ٿي، پر هنجي وهنوار پڌيان جيڪا معنيٰ هوندي هئي سا جهٽ پرکي وٺندي هيس.

ٻين مردن جيان جهنمل به پاڻ کي مون زال کان مٿي سمجهندو هو. منهنجيءَ صلاح موجب ڪم ضرور ڪندو هو پر ڪڏهن به ڪونه مڃيندو هو ته ائين ڪرڻ لاءِ مون ٿي کيس چيو هو. هميشه پنهنجي ڪنهن دوست جو نالو وٺي چوندو هو ته هن چيو هو ته هيئن ڪر ته........

ڪڏهن ڪڏهن ٻين جي سامهون ٻڌا سبب مون سان وڙهندو هو. مون جاچيو هو ته ائين ڪري هوءَ ڏيکارڻ ٿو چاهي ته مان سندس زيردست آهيان پيا

ڪلاس هيٺ پيو آهيان. دل ۾ ايندو هوم ته مان ٻه ڪيس ڌريت ٻڌائي ڇڏيان پر اميءَ ڪــي چوندو پئو هئم ته ڪنهن به مرد کي پنهنجي ايمان هيٺ ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪجي، نه ته نه. هُوءُ دشمن ٿي پوندو آهي ۽ ڌاريءَ مرد جي دشمني معنيٰ پنهنجي زناني اخلاق لي ڇوٽ. ڇاڪاڻ ته مرد اهو ٿي هٿيار استعمال ڪري زال کان وير وٺندو آهي.

اسڪول ۾ پاڙهڻ، ڪاپيون جاچڻ ۽ رپــورٽ اوڪس پرڻ کان پوءِ لانڪ منڊايءَ جو ڪم ڪرڻ ڪري مون کي گهٽي دير ٿــي ويندي هئي ۽ ڪڏهن ڪڏهن ته صبوح جي اڪيل شام جو ٿي گهر پهچندي هيس. ان لي امي ڏاڍو ڪاوڙجي هئي. پر مون کي ڪم ڪرڻ جو شوق هو. چست ڦڙت رهڻ منهنجي سڀاءَ ۾ شامل ٿي ويو هو.

## باب ڏاڏون

هوا ۾ ڪي افواهه ڦهلجندا پئي. اسڪول ۾ ٻه چمڪوڙون شروع ٿــيي ويئون هيون. ماسترن مان ڪي منهنجو ناول جهيٽل سان ڪنديي هڪ خاص انداز سان مشڪندا هئا. مونکي ڏک ٿيندو هو ته منهنجي

ساهيڙي گلي چوندي هئي، ”ڀائي، ڀل ڀيا چون ته دنيا وڏي ۽ وڪري ٿي وئي آهي پر انسان ته ـــ اهو ئي آهي نه؟ ۽ خاص ڪري هندستاني ماڻهو ته اڃا به انڌيرو ۽ سوڙهيءَ دل وارو آهي.

ٿورن ڏينهن بعد مرهٽي پاڙهيندڙ مسز ٽنيجا اچي چيو، ”گنگا! تنهنجو خير ڪواهي. جهمٽمل جي زال ساوتريءَ ڪجهه پتو آهي. هاڻي ته هوءَ تنهنجا چندا اچي پٽيندي.“

گلي، مان ۽ مسز ڀائيا ٽيئي ساهيڙيون هيوسين. مسز ڀائيا جو گهوٽ به تمام سمجهو ۽ سياڻو هو. گهڻو ڪري اسين ڀائيا جي گهر ئي گڏجنديون هيوسين ۽ اتي ئي منجهيل سٽ سلجهائينديون هيوسين. گليءَ چيو، ”ڀائي، اسان جو سماجڪ ڍانچو ئي اهڙو آهي. زال مرد جي صحتمند دوستي ڪير به هضم ڪري نه سگهندو آهي.“

مسز ڀائيا به چيو، ”عام ماڻهو انهن تي الزام ڪيندا آهن. تون زال ۽ هو مرد، گڏجي ٿا ڪم ڪريو ۽ اٿو ويهو ته ...... هنن حالتن هيٺ جي جهمٽمل جي زال جهان ديده هجي ها ته تون اچي سگهين ها پر .........“

پر ساوتري ته مون ڪڏهن ڏٺي به ڪين هئي. هڪ ڀيري قصو ائين اچي اٿيو جو راجستان جي هڪ

اُڻيءَ ڪار کي اسانجي شاگردياڻين کي ڪي اسٽچس سيکارڻا هئا. اهو اُڻيءَ ڪار جهمٽمل جي گهر ڀرسان ئي ڪٽي اچي لٿو هو. جهمٽمل اڳو پوءِ اسان کي ماليءَ لاءِ چئي ڊاس جي رهوسل ٻنهجي گهر ۾ ئي رکائي.

ماليءَ لئي ساولڙيءَ ٻنهي جا ٽڪوڙا سيئل مڇي ۽ ٻارڙال ۾ رڌل گوشت تيار ڪيو هو ۽ ٻيڙ ٻڌائن جي ٻاجهيءَ ۾ جهوڄو ڪارو ٻاٽي وجهي ان کي ٻي جسو ٻڌائي ڇڏيو هـــو. مـــان سمجهي ويس ته جهمٽوءَ (اسان کمس اهو لالو ڏاو هو) ساولڙيءَ کـــي ٻڌايو آهي ته مان ويندو آهيان. ڪهڙي اـــء زال ٻنهجي سامهون ٻيءَ زال جو ڪٺل اهڙو سوکيم حملو ۽ آدرشيہ جنگہ هڪدم ٻالهي ويندي آهي.

مان گهر وڃڻ لاءِ اُٿيس ته جهمٽمل مون کي ٻس ڏائين اُبرائڻ لاءِ اُٿيو. ساولڙيءَ ڏانهنس اهڙي ڪرڙي نگاهہ اُڇلي جو هوءَ چائنٽ اندر ئي روڪجي ٻيهي رهيو، در کان ٻاهر نڪتو ئي ڪين!

جهمٽوءَ جي اهڙي حالت ڏسي مان من ئي من ۾ مٿس قياس کائڻ لڳس. قياس ته مون کي ساولڙيءَ لئي ٻہ اچي رهيو هو. جنهن زال ۾ شڪ عـــرق جي روپ ۾ موجود هجي، ان جي دل ۾ خوشي اچي ئي ڪيئن ٿي سگهي؟ ۽ جهمٽوءَ؟ گهـر ۾ هوءَ ڪولو هو ۽ ساولڙي ٻلي. شايد ان ڪري ئي هوءَ ٻاهر شينهن جي

ڪُل اوڀي ڳرجڻ جي ڪوشش ڪندو هو.

مگر...... هين ڀڄڻي ۾ منهنجو وڃڻي ٿي ڇا؟ موڪلي ته هاڻ هالت ٿي سوچيو هو. سماج ۾ رهندڙ انسان ۾ سو ته ڪنواري ڇوڪري، ڪيتري دير تائين آواهن جو مرڪز ٿيڻ رهي سگهندي؟ جيستائين موڪلي ڪنهن آفيس ۾ نوڪري ملي تيستائين مون ناٽڪ - منڊلي ۾ ڪان استعفا ڏيڻي پئجي. موڪلي اڄ صبح جو سوڙ اڇي شروع ٿيو آهي. شايد ماستري ته ڇڏڻي پوي" پڇي موڻ پنهنجي جند ڇڏائي.

## باب ڏهون

مسٽر ڀاٽيا جي منڊ ساڻ موڪلي جلد ئي ٿي ڏاڍو. ڪئي. جي آفيس ۾ نوڪري ملي ويئي. انسان الڏيري ڇڏي هاڻ مهم اسٽيشن ڀرسان ٿي جاء ورتي هئي. گهر مان نڪرڻ وقت گهڙيال، اسٽيشن جي گهڙيال، آفيس ۾ گهڙيال، انهن هاڻ ڪاڪن جي نظر لڳائڻ ۾ ٿي ڏينهن گذري ويندو هو. ڀيڻ ڪلي پهرين ۾ ٿي رهندي هئي ۽ اسالجي ساهيڙيون ڀيڻن جو ليڪن هلندي آئي هئي. ڪلي ۾ ڪان غمر ۾

ساڳيون، مگر سياه ۽ هڪ ٻئي جي اُبتڙ هيون ليکن.
گليءَ کي مٺاس جو شوق هو ۽ ٻر مان حساب ۾ جهڙو
آلو اوڙ. گلي تمام ٿورو ڳالهائيندي هئي ۽ مان تمام
گهڻي جاچ ڪندي هيس. ٻارڪ ڳالهين کي ڏسڻ ۽
ٻرکڻ، منهنجو هڪ خفت هو. گليءَ کي سدا ڪپڙا ۽ مڃ
شين پائڻ جو شوق هو. ساڻي رنگ جي سازهيءَ
هيٺان منهنجو اُچو ٻيڻي ڪوٽ ڏسي هوءَ چوندي
هئي "تهنجو، ٻيو ا. ا. مرهٽياڻين کان هيءَ اي ٻيلگي
عادت نہ سکينءَ!" گليءَ شادي لا، ڪئي هئي.
هڪ هندو سندس ماڻٽي چري هئي جن ٻهراڻ ڏهہ
هزار گهريا هئا، ٻر شاديءَ کان چار ٻنج ڏينهن اڳ
هنن ٻندرهن هزار گهريا. "اسان کي ٻئي هندان واهہ
ٿا ملن ٻر توهان سان رعايت ڪري ٻندرهن ٿا گهرون.
ڏيڻ لاءِ تيار هجو تہ واهہ ا. ا. ماڻٽي ٽٽي سمجهجو."
۽ گليءَ ماڻٽن دواران اِنڪار ڪرائي ڇڏيو! دل تہ
منهنجي اِ ٿيندي هئي تہ مان اِ اهڙو ٽي ڪو جواب
ڏيان رشتو ڪٽي ڇڏٽن کي، ٻر ا، مان گليءَ جهڙي
ٻردٻار هيس ۽ ا، منهنجا ماڻت هنجي ماڻٽن جهڙا
مادرن خيال جا هئا. امي تہ روز ٻرارٿنا ڪندي
هئي "ٻياٽي وڃي ٻنهنجو گهر وسائي تہ مان گنگا-
اِشنان ڪريان." ٻاٻا اِ هوشيار ڇوڪرو ٻڌي ان جي
ٻڇا ڳاڇا ڪرڻ ۾ لڳي ويندو هو.

